# سهروردي سلسلو

رحيمدار مولائي شيدائي

توريءَ ٻي نہ تات ميهارئـــي من ۾،
جيڻ پيس رات، هو ساهڙ، هوءَ سهڻي. (شاهہ رحہ)

سهروردي سلسلو تصوف جي سيني سلسلن کان جهونو آهي - مغرب صقليہ سسلي ۽ مصر کان وٺي مشرق ۾ بخارا، بنگال ۽ آسام تائين پکڙيل آهي- سوال آهي تہ هن سلسلي بابت اڃا تائين ڪو بہ اهڙو ڪتاب تصنيف ڪونہ ٿيو آهي، جنهن مان هن سلسلي جي ڪامل ولين، سندن فيض عام، خلافتن ۽ ولايتن جي صحيح احوال جي خبر پنجي سگهي- هن سلسلي جو ڪڏهن ظهور ٿيو ۽ انجا ڪهڙا اسباب آهن، تنڪي بيان ڪرڻ کان اڳ ان زماني جي پس منظر تي جيسين روشني ڪانہ وجهبي، تيسين پوري طرح مستفيد ٿي نہ سگهبو.

خلافت راشده جي زماني ۾ مسلمانن جو هيءُ اعقاد هو تہ انهن لاءِ قرآن حڪيم ڪافي آهي. قرآن کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ڪتاب کي پڙهڻ گناه سمجهندا هوا. تنهن ڪانپوءِ درجہ بدرجہ ڪين ٻين علمن جي بہ ضرورت درپيش ٿي، جهڙوڪ احاديث نبوي، مغازي، رجال، سير، فتوح وغيره ۽ اهو لازمي امر هو. بني اميہ ۽ عباسي دورن ۾ اسلامي جمهوري حڪومت شهنشاهت ۾ بدلجي ويني- انڪانسواءِ اسلامي سلطنت جون حدون بحر- ظلمات کان وٺي آمو دريا تائين پهتيون- مختلف زبانن جا علمي ذخيرا مسلمانن جي هٿ اچي ويا منجهان بدريانہ سادگي ۽ بي پرواهي موڪلائي وٺي غير قومن جي اطباء، حڪماء، فلاسفرن، پنڊتن ۽ راهبن سان ميل جول ڪري، مسلمانن کي نجوم، طب، رياضي، اقليدس منطق ۽ فلسفہ جي ڪتابن کي عربي ۾ ترجمي ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو، خاص ڪري فلسفي جي ڳالهين کي گهڻو پسند ڪرڻ لڳا ۽ اسناد سان غير علمن سکڻ جي تائيد ۾ بعض حديثون بيان ڪرڻ لڳا. اهڙين حديثن مان هڪڙي عقدالفريد ۾ ڏنل آهي تہ ' حڪمت حاصل ڪيو اگرچہ انجو چاٺو مشرڪ هجي، ٻي حديث آهي ' مهد کان لهد تائين علم سکو. فاضل چلپي ڪشف الظنون هڪڙي حديث ڏني آهي ' علم حاصل ڪيو پوءِ ڪٿي چين ۾ هجي' اهڙين حديثن خلفاءِ اسلام کي مختلف علمن سکڻ لاءِ مائل ڪيو- چنانچہ سرياني، سنسڪرت، نبطي، مصري، فارسي، يوناني ۽ لاطيني زبانن جي علمن جا ڪتاب خلفاء جي زير نگراني دمشق ۽ بغداد ۾ عربي ۾ ترجمو ٿيڻ لڳا- شاهي درٻارين کان وٺي صوفين جي خانقاهن تائين بحث، مباحثن جون مجلسون گرم ٿي ويون. عرب اڳئي آزاد طبع هوا، سندن گردنون قرآن مجيد معبود حقيقي اڳيان جهڪايون هيون، سي اسلام جي صحيح دائره کان نڪرڻ لڳا- تاريخ شاهد آهي تہ خلافت راشده ڪانپوءِ ستت مسلمانن ۾ ڌار ڌار فرقا پيدا ٿيا، جن مان معتزله وارنجو فرقو گهڻو مشهور آهي- هن فرقي وارا پنهنجي مذهبي اصولن کي قياسي ۽ عقلي دليلن سان ثابت ڪرڻ لڳا- آزاد طبع مسلمان هن مذهب کي گهڻو پسند ڪرڻ لڳا- مهدي عباسي جي زماني

Gul Hayat Institute

